عبدالفتاح سپرو

ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جا شيخ اياز تي اثر

Abstract:

Influences of Sindhi Classical Poets on Shaikh Ayaz's Poetry

Shaikh Ayaz, the greatest literary giant of Sindhi literature, whenever influenced by any literary artist, reformer, economist, political worker, or any other social person, acknowledges their influences in his writings and while referring to them appreciates their good qualities as well as and criticizing them on merits.

Shaikh Ayaz, has been influenced by various literary genres. He was also, influenced by classical genre, which is reflected in his writings. He has always been under the influences of various poets in terms of their classical poetry; he adopts genres, formats and styles of their poetry and uses them to the best of his abilities.

He seems to have been in agreement with the people he follows and, if necessary, he contradicts and criticizes them. Such is his worth as a literary giant.

شيخ اياز پنهنجي زندگي ۾ جيڪڏهن ڪنهن به سياسي ڪارڪن يا اڳواڻ، سماج سڌارڪ، معاشي ماهر، فنڪار، آرٽسٽ يا شاعر کان متاثر ٿيو آهي، تہ هو نہ فقط انهن کي پنهنجي لکڻين ۾ ياد ڪري ٿو، پر ان هن جي ڪيل ڪم کي پسند ڪندي، ان جي تائيد ۽ ڪري ٿو تہ، انهن جي ڪمن يا شين تي تنقيد ۽ ڪري ٿو. هو پنهنجي طور تي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ فلاڻي ماڻهوءَ جو هي ڪم سٺو آهي يا خراب. شيخ اياز تي جيئن لوڪ ادب جي مختلف صنفن جو اثر آهي، تيئن مٿس اساسي (ڪلاسيڪل) شاعريءَ جو اثر پڻ نمايان نظر اچي ٿو، نہ فقط ايترو، پر هو پنهنجي متقدمين جي شاعريءَ جي صنفن جا نمونا ۽ فارميٽ ڪٽي، انهن تي طبع آزمائي ۽ ڪري ٿو. مثال طور سمن جي دؤر جي ستن ماموئي درويشن جو هڪ بيت آهي تہ:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهَ ميڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوکڙي.(۱)

شيخ اياز هن بيت کان متاثر ٿيندي، ساڳئي ڳالهہ، ساڳيو خيال هڪ نئين انداز ۾ بيت کي تخيل جي گهرائي، فڪري وسعت ۽ ندرت سان پيش ڪندي چوي ٿو:

ٻيهر وهندو هاڪڙو، ويندي سَمئِ سوڙهَہ،
ٻهَ ميڇي ۽ لوڙهہ، سپ لئہ ٿيندا سوکڙِي.(۲)

ائين ئي هو پنهنجي جنهن به پيشرو کان متاثر ٿيو آهي، تنهن سان هو فڪري هم آهنگي يا فڪري تضاد ڪندي نظر اچي ٿو. جنهن جو تفصيل ڏيڻ ضروري آهي، ان ڪري هيٺ ڏنل سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام سان سندس شاعريءَ کي پيٽي، اها کوجنا ڪئي وئي آهي تہ، هو ڪنهن سان ڪيترو هم آهنگ ۽ ان کان متاثر آهي يا انهن جي ڪهڙن ڪهڙن نقطن سان ڪيس تضاد آهي.

قاضي قادن:

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو 'ابو' قاضي قادن آهي، سندس ولادت جو سال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اندازي مؤجب هن جي پيدائش (865 ھ کان 870 ھ) آهي، جڏهن تہ سندس وصال جو سال

985 ھ مطابق 1551ع آهي. تاريخ معصوميءَ جي ليکڪ سندن وڏن جي سکونت جا شهر پهرين نٽو ۽ تنهن بعد سيوهڻ ٻڌايا آهن، پر ان سان گڏ هو قاضي قاضن کي بکري ۾ سڏي ٿو. جڏهن ته ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي، قاضي قاضن کي سيوهاڻي ڪري لکيو آهي. جنهن جو سبب ٻڌائيندي ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته: "وڏي ڏاڏي ابوالخير کان اڳ سندن وڏو ڏاڏو نٽي ۽ سيوهڻ ۾ رهندڙ هئا. ان مان گمان نڪري ٿو ته اصل ۾ هي خاندان سيوهڻ جو هو ۽ سمن جي دؤر ۾ جڏهن نٽو شهر وڌيو ۽ حڪومت جو مرڪز بنيو، تڏهن نٽي ۾ آيا."[٣]

سندس والد جو نالو ابو سعيد بکري هو، هو قرآن پاڪ جو حافظ، قاري، علم حديث، علم فقه، تفسير، اصول، ۽ تصوف سميت ڪيترن ئي علمن جو ڄاڻو هجڻ سان گڏوگڏ مشيني ۽ ڪُلن ناهڻ جي علم جو به ماهر هو. جنهن لاءِ ڪتاب 'تاريخ معصومي' جو مؤلف مير معصوم لکي ٿو ته: "طرحين طرحين علمي فضيلتن سان سينگاريل هو. قرآن مجيد ياد هوندو هوس، قرائت جو علم ڄاڻندو هو. حديث، تفسير، اصول، فقه، تصوف ۽ اَلي علمن ۾ ڪافي دخل رکندو هو."[٤]

قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو اهو پهريون شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي ڪلام جو وڏو ذخيرو ميسر ٿي سگهيو آهي. سندس متقدمين مان ڪو به اهڙو ڪلاسيڪي شاعر نه آهي، جنهن جا ايتري گهڻي تعداد ۾ بيت مليا هجن. سندس ست بيت 'بيان العارفين' ۾ آيل آهن، جڏهن ته هڪ سؤ ٻارنهن بيت هيري ٺڪر هندستان جي هريانا صوبي جي راٽيلا نالي مندر مان هٿ ڪيا، جيڪي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئا، اهي هيري ٺڪر سنڌي ٻوليءَ جي هاٽوڪي صورتخطيءَ ۾ سوڏي سنواري 1070ع ڌاري اسان جي هٿن تائين پهچايا. هاڻي قاضي قادن جا جملي هڪ سو اوٽويهه بيت موجود آهن. سندس ڪلام ۾ اعليٰ آدرشي فڪر سمايل آهي، سندس ڪلام ۾ وحدانيت، وحدت، ڪثرت، سورهيائي، خود اعتمادي، سڪ، سچائي، عشق، اخلاق، ڪوشش، حيلي، همت، حوصلي، خود اعتمادي ۽ محبت جهڙا ڪيئي موضوع ملن ٿا. سندس ڪلام ۾ پهريون پيرو تمثيلون ۽ تلميحون ملن ٿيون. هن کي سنڌي اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو 'ابو' سڏيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "قاضي قادن سنڌ ۽ هند جي اعليٰ پايي جي صوفي شاعرن مان آهي، جنهن جي عرفان ۽ اعليٰ اخلاقي شاعريءَ جو اثر سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر هندستان جي صوفي عارفن توڙي هندو سنتن ساڌن تي پيو. قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏو شاعر آهي ۽ هو سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ جو ابو آهي؛ قاضي قادن سپ کان آڳاتو وڏو شاعر آهي، جنهن جا گهڻي ۾ گهٽا سنڌي بيت پوري تصديق سان لکت ۾ ملن ٿا."[٥]

"قاضي قاضن زباني روايتن تائين محدود، اڻ گهڙيل سنڌي شاعريءَ کي نئين سوچ، محاورا. نئين محاڪات ۽ نئين عبارت ڏني. اهي حقيقتون قاضي قاضن کي سنڌي شاعريءَ جي باني ۽ پٽڪندڙ سنڌي شاعريءَ کي نئين ڏسا ڏيکاريندڙ جو درجو ڏيارين ٿيون. سندس سوچ، محاوري، محاڪات ۽ عبارت کان، ڪانئس پوءِ وارا ڪيترائي شاعر متاثر ٿيا."[٦]

قاضي قادن جي ڪتب آندل تمثيلن، تشبيهن، استعارن، محاورن، محاڪات، مضمون جو اثر ڪيترن ئي شاعرن جي شاعريءَ تي نظر اچي ٿو. جيڪو شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست، بيدل، بيڪس کان ٿيندو شيخ اياز ۽ سندس سهيوگي شاعرن تائين پهچي ٿو.

ڪَنزُ، قُدورِي ڪافيَهُ، جي پڙهي پروڙين سپ،
ڪَر مَندي ماکوڙي کوهَ ۾، پيئي ڪَـجي اَپ.[٧]

شيخ اياز هڪ نثري نظم ۾ قاضي قادن جي هن بيت تي پنهنجو اعتراض يا تضاد پيش ڪندي چوي ٿو: "جنهن منديءَ ماکوڙيءَ کوهه مان اپ پئي ڪڍيو، ان کي قاضي قاذن کان گهٽو عقل هو."[٨]

ٻئي هنڌ پنهنجو تاثر ڏيندي چوي ٿو ته:

"ائين ڇو آهي ته هر پٽائيءَ جو پيش رو قاضي قاذن ٿيندو آهي؟"[٩]

مٽين نثري نظم جي ٽڪرن مان سندس قاضي قادن جي ڪلام سان تضاد يا شاھ لطيف تي قاضي قادن جي اثر هجڻ جي خبر پوي ٿي، جيڪو شاعر لاءِ خود هڪ اثر آهي.

شاھ ڪريم:

شاھ ڪريم (944ھ / 1538ع _ 1032ھ / 1623ع) جو اصل نالو شاھ عبدالڪريم آهي. پاڻ متعلوي (مٽياري) ساداتن جي خاندان مان هو. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو 'تڙ' ڏاڏو هو، ڪيس شاھ لطيف جو 'مبشر' ۽ چيو ويندو آهي، هن کي سنڌي ادب جو 'وهائو تارو' ۽ 'چاسر' جو لقب ڏنو ويو آهي. جيڪا اهميت 'جيفري چاسر' (1342/43ع _ 1400ع) جي انگريزي ادب ۾ آهي، اها ئي شاھ ڪريم جي سنڌي ادب ۾ آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اوائلي صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس حياتيءَ جو سمورو احوال فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب 'بيان العارفين و تنبيه الغافلين' ۾ موجود آهي، جيڪو سندس مريد محمد رضا سندس وفات کان پوءِ 1038ھ / 1628ع ۾ سهيڙيو هو. بيان العارفين ۾ سندس 93 بيت آيل آهن.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو: "شاھ ڪريم جو شعر، نہ فقط قدامت جي لحاظ کان اعليٰ آهي، پر زبان ۽ بيان جي خوبين جي خيال کان به مٿانهون آهي. مضمون کي مؤثر بنائڻ لاءِ تشبيهن، تمثيلن کان ڪم ورتو اٿس ۽ اهي تشبيهون پنهنجي وطن جي رسم ۽ رواج، ڏنڌن ڏاڻن، ۽ ڏيک ويک تان کنيون اٿس." (۱۰)

پاٽياريءَ سر ٻهڙو، جر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾. (۱۱)

هن بيت ۾ سندس ڏنل ٻئي تشبيهون ٺيٺ سنڌي ماحول جون آهن، جنهن ۾ ٻهراڙي جي عورت کي پاٽيءَ جا گهڙا مٿي تي کنيل آهن يا وري پکي جڏهن پاٽيءَ مٿان ويهندو / ترندو آهي.. ٻئي مثال ٻهراڙيءَ سان لاڳاپيل آهن. اهڙي نموني سندس ڪلام ۾ مختلف ڏارائون آهن، جن مان تصوف به هڪ آهي، اهڙيءَ طرح هن بيت ۾ شاھ ڪريم هڪ صوفياڻي رمز ٻڌائيندي چوي ٿو، تو چئه تہ الله هڪ آهي، ان سان ٻيو کو به شريڪ نہ آهي، هن جو کو به مٽ ۽ ثاني نہ آهي، هر حال ۾ الله جي هيڪڙائيءَ تي اعتبار ڪر، اهو ئي سچ آهي، ان کري اهو ئي اکر پنهنجي دل ۾ پکو ڪر، ان ڳالهه کي هرهر ورجاءِ تہ الله هڪ آهي.

تون چَئہ الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سِکُ،
سَچو اَکر من ۾، سوئي لِکئو لِکُ. (۱۲)

شيخ اياز تي شاھ ڪريم جو جيڪو اثر آهي، ان تناظر ۾ هو ساڳي ڳالهه هن نموني سان ڪري ٿو تہ اڌ رات جو اٿي پنهنجي رب سان اندر جي اورَ اُورِ يعني دل جون ڳالهيون ڪر، ٻي ڪائي ٻولي نہ ٻول ۽ نہ ئي ٻي ٻوليءَ کي پنهنجي اندر ۾ ڳول، هڪ ئي ٻولي آهي، اها آهي مالڪ کي هنئين سان هنڌائڻ واري، ذڪر الاهيءَ واري، الله جو ذڪر ڪرڻ واري، اهو ئي اڪيلو ۽ ٻاجهارو آهي، جيڪو هر ڪنهن جي ٻڌي ٿو، تنهن ڪري ان ۾ ڪو شڪ شبهو نہ ڪر.

اُٿي اور الله سان، ٻولي ٻي نہ ٻول،
منهنجا ڏول نہ ڳول، ٻاجهارو سي ڪجهه ٻڌي. (۱۳)

شيخ اياز جي نہ رڳو پنهنجي پيش رو شاعرن سان محبت ۽ عقيدت آهي، پر هو انهن جي اصطلاحن کان به متاثر آهي، هو اهي ئي اصطلاح پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪري ٿو، جيڪي ان کان اڳ وارن شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. مثال طور جيئن شاھ ڪريم چوي ٿو:

هنج تتئين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاھ جو،
اي ڪانيئرو ڪوءِ، ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري. (۱۴)

جنهن تي شيخ اياز چوي ٿو تہ:

تون جئن نيري چانھ، ڪنڌيءَ تي ڪائي گھڙي،
يا اُڏري جئن سانھ، ڇاڇر ۾ ڇيرون ھٽي.[١٥]

جيئن شاھ ڪريم وٽ 'ڪانيئرو' ڇاڇر ۾ ڇيرون ٿو ڪري، تيئن شيخ اياز وٽ وري 'سانھ' جيڪو پڻ پاٽيءَ جو پکي آھي، سو ڇاڇر ۾ ڇيرون ٿو ھٽي. ڇيرون ھٽڻ مان مراد 'آواز' آھي، پکي جڏھن پاٽيءَ تي گھمندو آھي، تہ ان جي پيرن مان آواز نڪرندا آھن، ٻنھي شاعرن ان آوازن کي 'ڇير' وڇڻ جي آواز سان ڀيٽا ڏني آھي.

خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو

خواجہ محمد زمان سنڌ ۾ اعليٰ پايي جو نامياروٗ بزرگ ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آھي. سندس ولادت 1125-1188ھ) ۾ بدين ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ لنواريءَ ۾ ٿي. خواجہ محمد زمان نقشبندي طريقي سان سلھاڙيل رھيو. سندس زندگيءَ جو احوال 'مرغوب احباب' نالي ڪتاب ۾ ملي ٿو. ھن بزرگ کان شاھ عبداللطيف ڀٽائي متاثر ھو، جنھن ڪري ھو ساڻس ملاقات ۽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ لنواري شريف ب ويو ھو. خواجا محمد زمان چوي ٿوتہ:

پاڻي لھر پسڻ ۾، برابر ٿيا،
ڪي اتي ئي اڙيا، ڪي لنگھي مقصد مڙيا.[١٦]

شيخ اياز ساڳي ڳالھ پنھنجي دعائن جي ڪتاب 'تون ڇپر تون ڇانو' ۾ ھن نموني سان ڪئي آھي:

"يا رب! تنھنجي اٿاھ ساگر مان آءُ ھڪ ڇولي ئي تہ آھيان. منھنجو وجود ب قائم رک ۽ مون کي اھا ساڃاھ ب ڏي تہ مان توکان ڌار نہ آھيان."[١٧]

شيخ اياز ب ائين ئي ٿو چوي تہ مان ڪجھ ب نہ آھيان منھنجو وجود تومان ئي آھي، جيئن سمنڊ کان سواءِ لھر جو ٻيو ڪو وسيلو ئي ڪونھي تيئن منھنجو وجود ب مالڪ حقيقيءَ کان سواءِ نہ آھي، وري چوي ٿو تہ مون کي اھا سمجھ ڏي تہ مان توکان سواءِ ڪجھ ب نہ آھيان.

شاھ لطيف:

شاھ لطيف (1689ع - 1752) ڪلھوڙن جي دؤر ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو سرتاج ۽ اعليٰ پايي جو شاعر ٿي گذريو آھي، شاھ لطيف سنڌ جو اھو نامور شاعر آھي، جنھن جو شمار دنيا جي عظيم ترين شاعرن ۾ ٿئي ٿو. ھِن جي شاعري فن، فڪر توڙي موضوعن جي لحاظ کان گھڻ رخي ۽ گھڻ پاسائين آھي، شاھ لطيف اڳوٽن تمثيلي داستانن ۽ ڪردارن ۾ اھڙو تہ روح ڦوڪيو، جو صدين پڇاڻان اڄ ب اھي نوان نڪور ۽ تازا توانا لڳي رھيا آھن. اھي سنڌي سماج جي ائين ئي عڪاسي ڪري رھيا آھن، جيئن ڪالھ ڪري رھيا ھئا. ھُن جي شاعري اڄ جي حالتن تي ب پوري لھي ٿي. "سندس ڪلام ھر دور ۾ پنھنجي اھميت ۽ افاديت کي برقرار رکندو پيواچي. ھُن جي شاعري فن، فڪر توڙي موضوع جي لحاظ کان گھڻ پاسائين آھي، جنھن کي ھر پيري پڙھڻ سان ھڪ نئين نڪور معنيٰ ۽ مفھوم پلئہ پوي ٿو، جو زندگي ۽ سماج جي ڪيترن ئي پھلوئن کي روشن ڪري ٿو. شاھ لطيف جي شاعري انھن مڙني خوبين سان ٽمٽار آھي، جيڪي ڪنھن آفاقي ۽ الھامي شاعر ۾ھڻڻ گھرجن."[١٨]

ڊاڪٽر فياض لطيف، شاھ لطيف لاءِ لکيو آھي تہ: "ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جو مھندار ۽ سرواڻ تہ آھي ئي، پر ڪيس سنڌي شاعريءَ جي آڪاش جو "آفتاب"ڇئجي تہ، ان ۾ ڪو مبالغو نہ ٿيندو، ڇو تہ ھُن جي تابناڪ ۽ سدا حيات فڪري ۽ فني وجود سان ئي سنڌي شاعريءَ ۾ سوجھرو قائم ۽ دائم آھي. شاھ جو فڪر ۽ فلسفو ايترو تہ ھمہ گير آھي، جو

اهو اڄ جي جديد دؤر ۾ به، پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جي نه فقط نمائندگي ۽ عڪاسي ڪري ٿو، پر جديد ادب ۽ شاعريءَ لاءِ وڏو اُتساهه ۽ آڇپي جو سامان ۽ ساهس پڻ رکي ٿو." (۱۹)

سندس ڪلام ۾ ڪيئي موضوع سمايل آهن، جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جي موضوعاتي وسعت جي تناظر ۾ لکي ٿو ته: "شاهه جو رسالو هڪ اهڙي مهاساگر جي مثال آهي، جنهن ۾ بي شمار هيرا، لعل ۽ جواهر پيا آهن. جنهن مان گذريل سوا ٽن سالن کان غواص ٽٻي هڻي اهي هيرا لعل جواهر ميڙي رهيا آهن. شاهه عبداللطيف جو شعر طرح طرح جو ۽ نهايت رنگين ۽ گوناگون آهي. هو هر قسم جي شاعريءَ جو استاد هو. سنڌ ڇڏيو، هندستان ۾ به سندس مٽ ڳولهڻ مشڪل آهي. سندس نالو دنيا جي نامور شاعرن جي دفتر ۾ داخل ٿيڻ جو هر وجهه لائق آهي. شاهه جي شاعراڻي ذات اهڙي اعليٰ درجي جي هئي، جو شاعريءَ جو ڪو به فن نه آهي، جنهن ۾ سندس دماغ درياءَ جي لهرن وانگر چوليون نه ماريون آهن، هر طرح جا مضمون سندس خيالي خزاني ۾ موجود آهن."(۲۰)

محمد حسين ڪاشف لکي ٿو ته: "شاهه جو ڪلام سڪ ۽ سوز، فڪر ۽ ڦوڙائي، وندر ۽ ورونهه، عارفانه مشاهدات، قلبي واردات، حقيقت ۽ بصيرت، امن ۽ انسانيت، آزادي ۽ وطنيت جو لافاني خزانو آهي."(۲۱)

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي راءِ آهي ته: "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري تمام گهڻي گهڻ رخي آهي. ڇاڪاڻ ته سندس شاعريءَ ۾ تاريخيت آهي، اتي سندس ڪردارن جو نفسياتي پاسو پڻ اهم آهي، جتي شاعريءَ ۾ جماليات جون رمزون آهن، اتي رومانيت کان ويندي منظر نگاريءَ جا پڻ اتم مثال موجود آهن. شاهه سائين پنهنجي معاشري جي ڇاتل سڃاتل قصن ۽ ڪهاڻين کي موضوع بڻائي، معاشري جي هڪ اهڙي تصوير پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ نه صرف سندس شاعراڻي بصيرت جلوه گر آهي بلڪ ان ۾ زندگي ۽ تخليق جي وچ ۾ هڪ اهڙو ڳانڍاپو قائم ڪيل آهي، جنهن سبب سندس شاعري زمان ۽ مڪان جي حد بندين کي عبور ڪري ٿي. يعني سندس شاعري توڙي جو اڄ کان لڳ ڀڳ ٽي سؤ سال اڳ جي آهي، پر ان جي فني ۽ آفاقي رمزيت سبب اها شاعري اڄ جي لڳي ٿي، نه صرف اڄ جي بلڪ سندس شاعريءَ ۾ اهڙو جوهر موجود آهي جو اها ايندڙ وقتن جي شاعري پڻ هوندي، هو فطرت ۽ پنهنجي ڌرتي ڏاڍين سان بي انتها پيار ڪندڙ شاعر آهي."(۲۲)

شيخ اياز وري اهو شاعر آهي، جيڪو ٻين شاعرن جي ٻيٽ ۾ شاهه لطيف کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿو، هن پنهنجي اڪثر نثري توڙي نظمي شهپارن ۾ شاهه لطيف سان شخصي محبت، کان سواءِ سندس فن، فڪر ۽ فلسفي سان اُنسيت ۽ لڳ لاڳاپي جو ذڪر پڻ جا بجا ڪندو رهيو آهي، جنهن جي بنياد تي اهو چوڻ درست ٿيندو ته هُو پنهنجي حياتيءَ ۾ شاهه لطيف جو فدائي ۽ معتقد ته ٽي چڪو هو، پر هُن سندس فن، فڪر ۽ فلسفي کي به پنهنجي لکڻين ۾ جاءِ ڏني ته، ان کي دل ۽ روح سان قبول به ڪيو آهي، جيئن هو پنهنجي ڪتاب 'خط، انٽرويو، تقريرون-1' ۾ لکي ٿو ته: "شاهه لطيف منهنجي روح جو استعارو آهي، جنهن جو فڪر ۽ فلسفو منهنجي شعور جي روشني ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪن بڻيل آهن، ۽ رڳو هڪ مان ئي نه، سنڌ ڌرتيءَ جو ذرو ذرو اُن سڄ جي تاب سان ٻهڪي ۽ جَڳ مَڳ جَرڪي رهيو آهي. لاکيٽي لطيف جو آواز مَهد کان لَحد تائين اسان جي وجود ۾ گونجندو رهندو."(۲۳)

شيخ اياز، شاهه جي فن جي عظمت کي نروار ڪندي پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۾ لکيو آهي ته: "هن دفعي مون لطيف سائينءَ کي ڪافي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي ۽ پهريون پيرو صحيح معنيٰ ۾ هُن جي فن جي عظمت محسوس ڪئي آهي. ترجمي ڪرڻ وقت مان هر بيت کي ڪيئي پيرا پڙهندو آهيان. ڪائي ازلي مستي ويڑ وانگر وڌندي ايندي آهي، جا منهنجي روح کي چولين جي چوهه ۾ چوٽيءَ چاڙهي چڙيندي آهي، جتان مان سمنڊ جي سيني ۾ گهري ڏسندو آهيان ۽ منهنجو روح پاتار ۾ پيهي، سپون سُونجهڻ لاءِ مضطرب هوندو آهي."(۲۴)

ان کان سواءِ شيخ اياز، شاھ لطيف جي شخصي اعتقاد ۾ بہ ڪافي لکيو آھي، جيئن چوي ٿو تہ: "مون گھٽن ئي عظيم شاعرن جو مطالعو ڪيو آھي، پر مون تي ڪنھن بہ شاعر جو ايترو گھرو اثر نہ پيو آھي، جيترو شاھ لطيف جو، مان ھن کي پنھنجي دؤر جي Prodigy (عظيم شخصيت) سمجھندو آھيان."[۲۵]

اھڙي نموني سان شيخ اياز شاعريءَ ۾ بہ شاھ لطيف جي عقيدت جا ڪيترين ئي جاين تي پنھنجا خيال پيش ڪيا آھن.

پرسان تنھنجي پٽ ڏٽي! جھلي بينس جھولَ،
ڏنئي بہ ٽي ٻول، سخي منھنجي ساھ کي.

ڪٽا ڪنيم ڪيچ مان، ڪليا منھنجا ڪيت،
مون وٽ مڙئي بيت، تو وٽ آھن آيتون.[۲۶]

يا

آءٌ پٽائي آءٌ! تنھنجي ڪِھَ منھنجون اکيون،
ڏس! مون تنھنجو ڪينرو، پوريو ناھي ياءٌ!
ساڳيو جوڳ جڙاءُ، ساڳيا سڏڙا ساز جا.[۲۷]

شيخ اياز جي شخصيت تي دنيا جي جن بہ شاعرن ۽ آرٽسٽن جو اثر رھيو آھي، ھن پنھنجي ڪلام ۾ انھن جو ضمنن ئي تذڪرو ڪيو آھي، پر شاھ لطيف جو مٿس جيڪو گھرو اثر آھي، ان جي تناظر ۾ ھو پٽائيءَ کان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ جھولي ٿو جھلي، ھو پنھنجي شاعريءَ کي بيت ٿو ڪوٺي تہ شاھ جي ڪلام کي آيتن سان پيٽا ٿو ڏئي، اھڙيءَ طرح ھو پاڻ کي ڪٽي پٽائيءَ جي 'پير پٽي'، تہ ڪٽي 'ڪِھُ' وغيره بہ سڏي ٿو. جيڪا سندس پٽائيءَ سان انسيت ۽ عقيدت جي اظھار جي انتھا آھي.

شيخ اياز نہ رڳو شاھ جي فن، فڪر، موضوعن ۽ داستانن مان اُتساھ ورتو آھي، پر ھن سنڌي شاعريءَ کي موضوعاتي وسعت، تازگي، تخليقي ندرت، تخيل جي حسناکي، خيال ۽ فڪر جي اڏام سان گڏوگڏ نئين جوت ۽ جلا پڻ بخشي آھي، جيئن ڈاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "شيخ اياز (1923ع _ 1997ع) بہ اھڙو سُڄيت سِرجڻھار آھي، جنھن لطيف جي فني ۽ فڪري سرچشمن مان نہ صرف تمام گھٽو پيتو، پُرجھيو ۽ پرايو آھي، پر ھن انھن کي اڳتي وڌائي، انھن مان نوان آبشار پڻ تخليق ڪيا آھن. اياز جديد سنڌي شاعريءَ جو اھو سالار آھي ، جنھن رڳو سنڌي شاعريءَ جي موضوعاتي وسعت ۽ فڪري تازگي، تخليقي ندرت، تخيل جي حسناکي، تصور ۽ تفڪر جي نئين جوت بخشي آھي."[۲۸]

شاھ لطيف جا شيخ اياز تي ڪيئي اثر آھن، پر خاص ڪري ڪلاسيکي صنفن جھڙوڪ دوھي، سورٺي، بيت ۽ وائيءَ جي ستاءَ کي اپنائڻ، ان ۾ ڪلاسيڪيت سان گڏوگڏ فن، فڪر، لئ، تار ۽ ترنم جي خصوصيتن، خوبصورتين، نغمگين توڙي موضوعاتي حوالن سان ھڪ جھڙايون ملن ٿيون، ھتي انھن مان ڪجھ پيش ڪجن ٿيون باقي تفصيلي بحث ھن تحقيقي مقالي جي آخري باب ۾ پرپور نموني سان ڪيو ويندو، ھتي چند مثال پيش ڪجن ٿا. شاھ لطيف چوي ٿو:

رتو رت رتول، مولھيو مير حسين جو،[۲۹]

شيخ اياز چوي ٿو:

چڳون رت چکندڙيون، مولھيا لھُوءَ لال،[۳۰]

شاھ لطيف:

ڪَکَر مَنجھِ ڪَپار، جھُڙ نِيٽئون نہ لھي،[۳۱]

شيخ اياز چوي ٿو:

سارا سارا ڏينهن، جهڙ نہ لهي جيءَ تان،[٣٢]

جيئن شاھ لطيف جي ڪلام ۾ اسان کي مختلف ڪھاڻيون ۽ انھن جا ڪردار ملن ٿا، بلڪل اھڙيءَ ريت شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ب ساڳين نالن وارا داستان ۽ ڪردار موجود آھي. جيئن شاھ لطيف جي شعر ۾ مختلف موضوع آھن، ھن ۾ تصوف، مجازي عشق، حقيقي عشق، خود شناسي، خدا شناسي، حق سچ جي راھ اختيار ڪرڻ، ٻيائي ۽ دوکي کان دور رھڻ، سورن ۽ سختين جي باوجود ب منزل ماڻڻ لاءَ مسلسل محنت ۽ جدوجھد ڪرڻ، سچائي ۽ مخلصيءَ سان ھلڻ، شدت پسنديءَ کان پري رھڻ، وطن ۽ ڌرتيءَ جي ماڻھن سان محبت ڪرڻ، امن امان سان رھڻ، انسان ذات سان محبت ڪرڻ، سندن ڪم اچڻ، حق حلال جي روزي ڪرڻ، ٻين جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، سھپ ۽ رواداريءَ جو مادو ڌارڻ ۽ واندو ٿي نہ ويھڻ جھڙا ڪيترائي اڻ ڳٽيا موضوع فڪري ماخذ شامل آھن.اھڙي طرح شيخ اياز ب انھن ئي موضوعن مان ڪيترن کي پنھنجي شاعريءَ ۾ جڳھ ڏني آھي. جنھن مان شاھ لطيف جا شيخ اياز تي اثر معلوم ڪري سگھجن ٿا.

سچل سرمست:

عبدالوھاب عرف سچل سرمست (1739ع _ 1829ع) جي سنڌي شاعري فن، فڪر، معنيٰ ۽ مفھوم جي حوالي سان دنيا جي انھن شاعرن کان ڪنھن ب ريت گھٽ نہ آھي، جن کي عظيم شاعر چيو وڃي ٿو. سچل سرمست جي شاعري فني، فڪري توڙي موضوعاتي حوالي سان قاضي قادن، شاھ ڪريم، شاھ لطف اللہ قادري، شاھ عنات، خواجا محمد زمان ۽ شاھ لطيف واري پيغام جو تسلسل آھي، سندس شاعريءَ ۾ مجازي حسن، عشق، محنت، جدوجھد، امن، ايڪي ۽ اتحاد، جا موضوع ب آھن تہ تصوف، توحيد، رسالت، اطاعت، معرفت، طريقت، انسان ذات سان بنا تفاوت جي پيار محبت، ڪرڻ، ڏوکي، دوئي، ڪروڌ، ڪوڙ، ڪپت ۽ ڪٽر پڻي کان ڪوھين ڏور رھڻ جون ھدايتون موجود آھن. سچل جو ڪلام محڪومن، مظلومن، معاشي، معاشرتي، سماجي، مصيبتن جي ماريل، توڙي مذھبي تفرقي ۽ ڪٽر پڻي جي ستايل غريب، مسڪينن، سانگين، جھانگين، ۽ ماروئڙن، اندر جو آلاپ ب آھي تہ درد جي دوا ب آھي، تہ دلاسو ب آھي.

"سچل سائينءَ جو فڪري ٽڪراءُ، تنگ نظري، تعصب ۽ ٻيائيءَ خلاف ھو. پوءِ اھا تنگ نظري ڌرمي پليٽ فارم تان ھجي، يا ڪنھن مسلڪ يا فرقي پاران ھجي. سچل جي مزاحمت اھڙين قوتن خلاف ھئي، جيڪي انسان دوستي ۽ پائيچاري بدران انسانن کي ٽولن ٽولن ۾ ورھائي پنھنجا مفاد حاصل ڪري رھيا ھئا."[٣٣]

شيخ اياز ھن دؤر جو سيبتو ۽ سرواڻ شاعر آھي، ھي سچل جي رندن ۽ پنڌن جو پانڌيئڙو، ساڳيءَ ئي راھ جو راھي آھي جنھن سچل جي فھم ۽ فڪر کي انھيءَ ساڳئي پيرايي ۾ پيش ڪيو آھي. جيئن سچل جي ڪلام ۾ فڪري ٽڪراءُ، تنگ نظري، تعصب پرستي، ٻيائيءَ، مذھبي، مسلڪي، فرقيواريت خلاف ۽ انساني ھمدردي، امن، اتحاد، ايڪتا، انسان ذات سان پيار، محبت ۽ انھن جي خدمت کي پنھنجي عبادت سمجھڻ جھڙا انيڪ ۽ اعليٰ آدرشي سماجي قدر سمايل آھن، تيئن شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ب سچل واري فڪري ھم آھنگي نظر اچي ٿي ۽ اھي سمورا موضوع ۽ سماجي قدر موجود آھن، جيڪي سچل جي ڪلام ۾ آھن.

ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو تہ: "شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ سچل وانگر 'حق ۽ سچ' جي گونج، گونجندي ملي ٿي. ھن جي شاعري پڻ مظلوم ۽ محڪوم ماڻھن جي حقن جي نہ رڳو حامي ۽ طرفدار آھي، پر اھا فرقي پرستي، مذھبي تنگ نظري، سماجي اوچ نيچ ۽ مڙني طبقاتي تفاوتن کان انڪاري ھجڻ سان گڏوگڏ 'محبت ۽ انسانيت' جي پرچارڪ پڻ آھي، ان ڪري اھا ماڻھن جي زخمن جي زبان ب آھي، تہ سندن بي چين روح جي راحت ب، ھن جي شاعري ۾ نہ فقط حق ۽ سچ جي صدا جا بجاءِ ملي ٿي، پر اھا بغاوت ۽ مزاحمت جي سگھ سان سرشار پڻ آھي."[٣٤]

جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ اياز سچل جي ڪلام کي نہ فقط پڙهيو ۽ پرجهيو آهي پر ان جي رندي ۽ سرمستي جي پريل مَي وارن مَٽَنِ مان وٽيون بہ پري پيتيون آهن. جيئن هيٺ ڏنل بيت مان معلوم ڪري سگهجي ٿو:

سرمست هان!
سرمست هان!
مان ساگرِ مهتاب مان
مَي پي وڃان، هڪ ڳيت سان؛
ڪاريءَ گهٽا جي پينگهه تي
جهولان جُهلان، جهولان جُهلان؛
آغوش منهنجي ۾ رهي
هي ڪائناتي پيڪران،
هيءَ حسن جي جُوِيء روان،
هيءُ ماه و انجم جو جهان،
هي ڪهڪشان،
هي آسمان![٣٥]

جيئن سچل جي نظر ۾ سڀ مذهب ۽ مسلڪ برابر آهن، وٽس ڪنهن بہ دين ڌرم لاءِ شدت پسندي ۽ فرقيواريت نہ آهي، هو سڀن مذهبن جو سلامي ۽ انهن جي پيروڪارن سان محبت ڪندڙ آهي،ڪيس انسان ذات سان پيار آهي، سندس دين مذهب جو بنياد انسان دوستي، امن، امان، ايڪي، اتحاد ۽ يائيچاري تي آهي. تيئن شيخ اياز بہ سچل جي پوئواري ڪندي، انهن ئي انساني ۽ مذهبي قدرن جو قائل ٿو ڏسجي، جن جو سچل آهي. شيخ اياز چوي ٿو:

مسجد مندر رَک، رکوالا ان رَک جا،
ڪيئي مُلان مولوي، پنڊت مارن جَک،
اوري آءُ الک، ڏيئو ٽي توکي ڏسان.

***

تنهنجا پير ڇُهان، ڌرتي منهنجي مائڙي!
پاڪر پايان پاوَ مان، ماڻهو ماڻهوءَ سان،
آءُ نہ ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو.

***

مذهب منهنجو ماڻهپو، دين ڌرم سڀ ڏوڙ،
پرکي ڳالهه پروڙ، او ڪاڻيارا ڪوڙ جا.[٣٦]

اهڙيءَ طرح شيخ اياز تي سچل سرمست جي شاعريءَ جي فن، فڪر ۽ فلسفي جا ڪيترائي عڪس ۽ اولڙا محسوس ٿين ٿا، جن ۾ پيار، محبت، سهپ، رواداري، بي باقي، سچائي، ڪرائي، جرئت، جوان مردي، مزاحمت، رندي، مستي، جاه و جلال، ڌرتي جي خاڪ ۽ ان جي ماڻهن سان اُنس، اندر جي تڙپ، احساس، خود شناسي، خدا شناسي،سونهن سندرتا، سرمدي ۽ انسان دوستي اڇي وڃن ٿا. انهن سمورن سماجي انساني قدرن ۽ اثرن جو هتي جائزو وٺڻ ممڪن نہ آهي، تنهنڪري متي انهن جا ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ شيخ اياز 'ڪلاسيڪي سنڌي' شاعرن مان شاهه لطيف ڪان پوءِ جنهن شاعر جا وڏ ۾ وڏ اثر قبوليا آهن، اهو سچل سرمست آهي. مقصد ۽ مضمون جي حوالي سان سچل

سرمست ۽ شيخ اياز جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي هڪجھڙيون آهن، ان جي باوجود شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڪمال ۽ انفراديت اها آهي ته هُن ساڳين مضمونن ۽ خيالن کي جديد فڪر، رنگ، روپ ۽ منفرد اسلوب بيان سان پيش ڪيو آهي.

سامي:

شاھ، سچل ۽ سامي سنڌي شاعريءَ جي ته مورتي ليکيا وڃن ٿا، پائي چئنراءِ ولد بچومَلُ لُنڊُ (1743ع کان 1850ع) بہ ڪو شاعريءَ جي دنيا ۾ 'سامي' جي نالي سان مشهور آهي. هن ويدانتي فڪر ۽ فلسفي جي شاعر سنڌ جي علم وادب واري مرڪزي شهر شڪارپور ۾ جنم ورتو. هي سچل جو سهيوگي شاعر آهي، ٻنهي شاعرن ڪلهوڙن جو آخري ۽ تالپرن جو سمورو دؤر حڪومت ڏٺو هو.

"سامیءَ هندوڏرم جي ويدانتي روپ جو اَرٿ ۽ پڳتي مارگ جو پريم وارو پيغام، سنڌي ٻوليءَ ۾ سلوڪ ڇئي سمجھايو آهي. سامیءَ ڏٺو ته ٻاويٽن ۽ ٻاون هندو ڏرم جي اصلوڪي وِديا وساري، ان جي ويڪا ۽ تشريح اهڙيءَ ريت ڪئي ٿي، جنهن سان انسانن ۾ تفريق پئي پيدا ٿئي. 'ڇئن ورنن' جي تفريق اصل ۾ 'ويدڪ ويچارن' جي خلاف هئي. پنڊت ۽ ٻانيٽ، سماج ۾ تفريق، ويڇي ۽ فساد جي فضا پکيڙي رهيا هئا، ان ڪري هن اهڙي تفرقي، فساد ۽ نفسياتي گهٽ ٻوسٽ خلاف پنهنجي شاعريءَ کي هٿيار طور ڪم آندو ۽ سنڌي سماج ۾، امن، اتحاد، سهپ، ضمير جي آزادي ۽ پائپي پيدا ڪري نئين سنڌ ۾ نئين سماج جي تعمير جو تصور ڏنو."[۳۷]

سامي جي شاعري سلوڪن جي صورت ۾ چيل آهي، جنهن جا اهم موضوع اَوديا (بي علمي، جهالت) 'ممت مارڻ' (خودي ختم ڪرڻ) 'مايا جي موهه' (دولت جي لالچ) کان دور رهڻ، 'ڪام' (شهوت)، 'ڪروڌ' (ڪاوڙ)، 'لوڀ' (لالچ)، 'موهه' (هرکڻ)، 'اِهَنُڪَارُ' (فخر ۽ وڏائي) ۽ مورکتا (بي عقلي) دنيا جي خواهشن، جهڙن ويرن (دشمنن) کا پري رهڻ، پاڻ سجاڻڻ، ساڌ سنگت، گرو پرچار، پڳتي مارگ (پارسائيءَ وارو راز) 'برهم پوت'، '(فنا في الله) ۽ بَرُهَم تَتُو' (خدا شناسيءَ جو علم) آهن.

شيخ اياز جي شاعريءَ توڙي نثر ۾ سامیءَ جا واضح طور اثر ملن ٿا. جنهن جو هڪ سبب آهي ساڳئي شهر سان تعلق ۽ پاڙيسري هئڻ بہ آهي. جيئن چوي ٿو:

سامي هاڻي دُر، اڄ تائين توسان هُري،
تنهنجو منهنجو گهرُ، آهي ٿوري پنڌ تي.[۳۸]

شيخ اياز ننڍ پڻ ۾ ضرور 'سامیءَ' جو ڪلام ٻڌو، پڙهيو هوندو ۽ هُن کان مرغوب ٿيو هوندو، اهو ئي سبب آهي جو هو ڪيترن ئي هنڌن تي 'سامي' کي ياد ڪندي ۽ پنهنجا ويچار وندبيندي نظر اچي ٿو. جيئن هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "جيسيتائين ڪنهن سنڌي اديب گهٽ ۾ گهٽ شاھ، سچل ۽ سامیءَ جو مطالعو نہ ڪيو آهي ۽ هو پنهنجي تاريخ ۽ روايات ۽ ماحول جو چگي طرح واقف نہ آهي، تيسيتائين هو سنڌي زبان ۾ چگو ادب پيدا ڪري نہ ٿو سگهي."[۳۹]

شيخ اياز ٻيءِ جاءِ تي لکي ٿو ته: "شاھ سچل ۽ سامي، سنڌ وانگر منهنجي ساهڪ تاجي پيٽي ۾ اٽيل آهن، ،سامي بہ مون لاءِ ايترو ئي اهم آهي، جيترو شاھ ۽ سچل، ڇو ته انهن ٻنهي جو نقطہ نگاھ ساڳيو آهي، جو ويهين صديءِ ۾ بہ ايتري اهميت رکي ٿو، جيتري پنهنجي دؤر لاءِ رکندو هو."[۴۰]

اهڙيءَ طرح شيخ اياز جي هڪڙي خوبي هيءَ بہ آهي ته هن جي جنهن بہ شاعر سان رغبت آهي ته هو انهن جو هيئتون ڪٽي ان ۾ پنهنجي طبع آزمائي بہ ڪري ٿو ته، انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ياد بہ ڪري ٿو. مثال طور: هو جيڪڏهن 'سلطان باهو' جي چؤسٽي کان متاثر ٿئي ٿو ته رڳو چؤسٽا ئي نہ ٿو لکي، پر ان جيان هر سٽ ۾ 'هُو' جو لفظ بہ استعمال ڪري ٿو. هو جيڪڏهن 'شاھ لطيف' کان متاثر ٿئي ٿو ته وائي ۽ بيت واري هيئت ۾ بہ لکي ٿو، ته سندس ساراھ بہ ڪري ٿو، هو جيڪڏهن سچل کان متاثر ٿئي ٿو ته 'انا الحق' جو نعرو بہ هڻي ٿو ته، سرمست سرمست بہ ڪري ٿو، اهڙي طرح

هو جڏهن 'سامي' جي سَلُوڪَن کان متاثر ٿئي ٿو تہ ڪيترائي سَلُوڪَ بہ لکي ٿو تہ ڪيترن ئي سَلُوڪن ۾ هن کي ياد بہ ڪري ٿو. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو ساڻن پيار، محبت، رغبت ۽ عقيدت جو چٽو پٽو اظهار آهي. جنهن کي ٻين لفظن ۾ اثر بہ چئجي ٿو. شيخ اياز ڪيترن کي هنڌن تي 'سامي' سان مخاطب ٿيندي پنهنجي رغبت جو اظهار، اقرار ۽ اتفاق بہ ڪري ٿو. ساڻس فڪري اختلاف بہ ڪري ٿو. مثال طور سامي جي سلوڪن جو گهٽو تٽو حصو مايا جي موه تي آهي.. سامي جي نظر ۾ مايا انسان کي پلائي تي ڇڏي، منجهائس انسان پٽي جون سموريون خوبيون ختم تي ڪري ڇڏي، هي هڪ ڄار آهي، جنهن ۾ انسان ڦاسي ٿو پوي، هيءَ خلق کي خوار تي ڪري، مايا جي موه ۾ سارو جهان انڌو لڳو پيو آهي جنهن تي سڄو جڳ جهُري ٿو، هيءَ ڏائڻ آهي جيڪا دان تي گهري، مايا منهن ڪاري ۽ بري بلا آهي، هُن سيني ماڻهن کي موڳو ڪري وڌو آهي، هيءَ ڏائڻ ۽ ڏندري آهي، هوءَ ڪنهن کي بہ نہ تي بخشي، مايا سڄي جڳ کي ٺڳي ڇڏيو آهي، هوءَ ڏوتي آهي. دولت جي ڪري ماڻهن پاڻ پلائي ۽ وڃائي وڌو آهي، انسان اڻ هوندي درياءَ ۾ اڃائي سڃائي ٽٻيون هٽي غوطا کائي رهيو آهي، سامي جي نظر ۾ هر برائيءَ جي جَڙَ مايا آهي.

مايا پلائي، وڌو جيءُ پرم ۾،
پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، وينو وڃائي،
اَڻَ هوندي درياءَ ۾، غوطا نِتُ کائي،
منهن مڙهي پائي، سامي ڏسي ڪينکي.

***

مايا پلائي وڌا جيءَ جهان جا،
نانا رُوپ رَچي ڪري ، وينا لَڻُ ٺاهي،
پاڻو واڻو مَتِ ڪي، سيُڪو وڏائي،
منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪو نہ ڪو.(۴۱)

شيخ اياز جو سامي‌ءَ سان گهٽو اختلاف بہ انهيءَ مايا جي موه واري موضوع تي آهي، سامي مايان کان پري رهڻ جي تلقين ڪري ٿو، پر اياز جو خيال ڪجهہ ٻيو آهي، جيئن ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "اياز ان جي برعڪس نہ رڳو دنيا کي پنهنجي اک سان ڏسي ۽ پسي ٿو، پر ان جي مامرن ۽ مسئلن، حقيقتن ۽ حسناڪين کي پنهنجي فهم، ادراڪ، احساس، دل ۽ دماغ سان پرکڻ، محسوس ڪرڻ ۽ ماڻڻ کان پوءِ ان کي پنهنجي انداز سان اظهاري پرپور نموني سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري ٿو."(۴۲)

شيخ اياز سامي‌ءَ سان اختلاف ڪندي چوي ٿو تہ:

منهن مڙهي پائي، اونده ٺاقوڙا هَڻين،
توکي پلائي وڌو جونيءَ وديا.

***

مايا سارو سچ آ، مايا نہ ڏوتي،
اَنڌا اَڏوتي، جوٽِ چَوَنِ ٽا سچ کي.

***

اونده ۾ اسرار لئ، وينو واجهائي،
منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪينکي.

***

سامي! مايا موه سان، ڪجي ڪوهُ پيار،
ٻيو ڪجھ رَکُ آ، سڀ ڪجھ آ سنسار،
ڪيڏو اَتياچارُ، تنھنجو پنھنجو پاڻ تي؟

***

آخر مايا موه ۾، ڇا ناھي سامي!
آيون گل گلاب تي، مڪيون اُڏامي،
ماکي مدامي موھي تن جو ھينئڙو.

***

مايا ڏيوالي؟ سامي! تون ڇاڻو چئين؟
لَکين گُلَ رابيل جا، توکان سوالي،
اَکَڻَ نِکڻَ اُيَ ۾، خال نہ ڪو خالي،
مَڏُ سان متوالي، ھر شِيءِ ھن سنسار ۾.(۴۳)

شيخ اياز جا سامي‌ءَ سان جتي اختلاف، اعتراض ۽ نفاق آھن، اتي ساڻس سھمت ٿيندي ۽ اتفاق ڪندي ب نظر اچي ٿو، اھڙو اقرار ڪندي چوي ٿو:

”ھُو (سامي) منھنجي شخصيت جو ھڪ پراسرار حصو ٿي رھيو آھي. جڏھن ب ماحول مون کان ڏاڍو ٿي ويندو آھي، مان سامي‌ءَ کان سامر گھرندو آھيان، ھُون‌ءَ منھنجو سامي‌ءَ سان سدائين جھيڙو ھوندو آھي ۽ مان ھن جي ويدانيت کان لھرائيندو آھيان. اڄ جڏھن مان موت جي منھن ۾ پھچي چڪو آھيان، سامي مون کي پناھ جو پاند آڇي رھيو آھي. ڇا مان ھن ويدانتي‌ءَ مان جان ڇڏائي سگھندس؟ ڇا مان اڪيلو بي ٻوٺ موت جي اکين ۾ گھوري نہ ٿو سگھان؟ ھو ڪيڏا نہ ترڪڙ جھڙا تَڙَ ڏسي رھيو آھي! ڇا مان سڏو ڇلانگ ڏئي ڇولين جي ٻاکر ۾ وڃي نہ ٿو سگھان؟ اڄ سامي‌ءَ سان منھنجو پويون جھيڙو آھي: يا تہ مان ھميشہ لاءِ ھن جي آڙ مجيدس يا ھن کي پاڻ مان تڙي ڪيڏندس، پر ڇا اسان ٻئي نٿي نہ ٿا سگھون؟ ڇا اسان ۾ ايڏو متييد آھي؟ ڇا، ويدانتي، ناستڪ جو نَھنو نانءُ نہ آھي.“(۴۴)

شيخ اياز سامي سان پھرين دؤر واري شاعري‌ءَ ۾ ڪيئي اختلاف ڪيا آھن، پر زندگي‌ءَ جي پوئين حصي ۾ ھو سامي‌ءَ جي ڪيترن ئي نقطن تي بنا ڪنھن اختلاف جي سھمت ٿيندي نظر اچي ٿو ۽ اھڙو اعتراف ڪندي چوي ٿو:

”مون جڏھن سامي‌ءَ جي نالي سان سلوڪ لکيا ھئا، تڏھن منھنجي اھا ڪيفيت ھئي، پر ھاڻي تہ مان روح جي ابديت ۽ اعتبار ڪيان ٿو ۽ ساڳيو ماڻھو نہ رھيو آھيان، اھا ٻي ڳالھ آھي تہ مان سدائين مَحوِيَت جي عالمَ ۾ رھيو آھيان..... استغراق جي ڪيفيت، جنھن ۾ ماڻھو پنھنجي وجود کي وِساري ٿو ڇڏي، ڪافي سالن کان شاعري‌ءَ مون تي اھا ڪيفيت طاري ڪئي آھي. اھڙي حالت ۾ چوي ٿو:

جي تون شاھ لطيف جو، سامي تنھنجو ياءُ،
سامي‌ءَ سان سرچاءُ، ناممڪن ناھي پرين.(۴۵)

شيخ اياز نہ نفقط سامي‌ءَ سان سرچاءَ ٿو ڪري، پر ھن کي پنھنجا ۽ پنھنجن دوستن کان مليل ڏک سور ۽ انھن کان بيزاري ب ٻڌائي ٿو، اھا التجا پڻ ڪري ٿو تہ مون کي ھيڪلائي‌ءَ ۾ وڻي ھَلُ، ھڪ اھڙي جھان ۾، جتي سُرورُ، سُکُونُ ۽ آرام ھجي، جيئن چوي ٿو:

”اي سامي! مان پنھنجي ھي سنگتي ساڻي‌ءَ مان
بيزار ٿي پيو آھيان،
مون کي پنھنجي ھيڪلائي‌ءَ ۾ وڻي ھل!

اي سامي مون کي ڪنهن بہ ڏڪ سڪ کان سواءِ،
رڳو انهيءَ اَمٹ اَنيوَ سان وٹي هل تہ،
سڀ ڪجھ سپنو آهي.
اي سامي! تو سچ چيو آهي تہ،
ماڻھوءَ جو سَريرُ رڳو پاپ آهي،
مان ڪنهن بہ لڄ کان سواءِ وڃي رهيو آهيان،
تنهنجي بنواس ۾ وڃي رهيو آهيان.(۴۶)

شيخ ايار جيڪو پهريان مايا کي سارو سچ ٿو ڪوٹي، ڏوتي چوڻ وارن کي اَنڏو اَڏوتي، جوٹو، مايا کان پري ٹيڻ واراي کي اتياچاري (بي دين) ٿو چوي، مايا کي ڏيوالي نہ ٿو سمجهي ۽ مايا سان پيار جي ڳالھ ٿو ڪري، پر آخر ۾ هو سامي‌ءَ جي هن ڳالھ سان متفق ٹي، مجي ٿو تہ واقعي مايا ڏندري، ڏائڻ ۽ ڏيوالي آهي، هو پنهنجي شاعري جي ڪتاب 'چوليون ہوليون سمنڊ جون' ۾ اهڙو احساس بيان ڪندي چوي ٿو:

صُبح هُجي يا رات،
مايا ڏائڻ!
ڏند انهيءَ جا، وِڇُ هُيا جڻ واتِ،
مايا ڏائڻ!
ٽانگر چيو ٹي، پرھ ڦٹي پرياتِ،
مايا ڏائڻ!
'ڀؤنر پريو ٹي' هي نہ تنهنجي ذات،
مايا ڏائڻ!
ساڻ رهي جي توسان تنهنجي تات،
مايا ڏائڻ!
تو وانگر هئي سامي‌ءَ ساڳي ڏات،
مايا ڏائڻ!
پاسو وٹ تون، گهٹ گهٹ اُن جي گهات،
مايا ڏائڻ!(۴۷)

هڪ ٻئي ڪتاب 'جُهڙ نيڻان نہ لهي' ۾ وري چئي ٿو:

جي تو ڪوٹيو 'ڏن' کي، مايا اي سامي!
پوءِ تہ خامي، ناهي تنهنجي سوچ ۾.(۴۸)

سچ تہ شيخ ايار، سامي‌ءَ جي سلوڪن سان نہ فقط فڪري اتفاق ۽ اختلاف رکي ٿو، پر سامي‌ءَ جي ہوليءَ، تشبيهن، تمثيلن ۽ ترڪيبن کي استعمال ڪندي، ان مان استفادو پڻ حاصل ڪيو آهي، جيڪي سندس شاعري‌ءَ ۾ هڪ نئين نرملتا ۽ ڪوملتا جو احساس بہ ڏين ٿا، تہ گڏوگڏ نواڻ بہ بخشين ٿا.

حوالا

۱. برٹن رچرڈ، 'سنڌ ۽ سنڌو ماڻري‌ءَ ۾ روسندڙ قومون'، سنڌي ادبي بورڈ، ڄام شورو، سنڌ، ڇاپو پنجون سال ۲۰۱۰ ع ص: ۶۹.
۲. شيخ، ايار، 'سورج مکي‌ءَ سانجھ'، نيو فيلڈس پبليڪيشن، حيدر آباد، ۱۹۹۳ع، ص: ۷۵.

۳. بلوچ نبي بخش خان ڈاکٽر، (تحقيق ۽ ترتيب) "قاضي قادن جو رسالو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۹۹ع، ص:۱۶.

۴. بکري مير محمد معصوم،(مترجم) مخدوم امير احمد "تاريخ معصومي"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سال ۲۰۰۶ع، ص۲۴۳.

۵. بلوچ نبي بخش خان ڈاکٽر، (تحقيق ۽ ترتيب) 'قاضي قادن جو رسالو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۹۹ع، ص:۱۳.

۶. ٹکر هيروڄاڻانند، 'قاضي قادن جو ڪلام'، پوڄا پبليڪيشن ۱۹۷۸ع، ص:۱۷.

۷. بلوچ نبي بخش خان ڈاکٽر، (تحقيق ۽ ترتيب) 'قاضي قادن جو رسالو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۹۹ع، ص:۸۳.

۸. اياز شيخ، 'شاعري ۹'، تاج جويو، (سهيڙ ۽ سنوار) ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي _ ۲۰۱۰ع، ص:۴۶.

۹. شيخ اياز، 'شاعري ۸' (سهيڙ ۽ سنوار) تاج جويو / نصير مرزا، ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ ڪراچي ، ۲۰۱۰ع، ص:۱۴۰.

۱۰. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڈاکٽر، 'لطيفي لات ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جو گڏيل اپياس'، مهراڻ اڪيڈمي شڪارپور، ۲۰۰۱ع، ص:۸۶.

۱۱. نجم الاسلام، 'ابيات شاه ڪريم'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سال ۱۹۸۷ع، ص:۱۳.

۱۲. سومرو عبدالغفار، 'شاه ڪريم جا بيت، اقوال ۽ نقل'، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي ۲۰۱۷ع، ص: ۵۱.

۱۳. اياز شيخ، 'شاعري ۱۰'، (سهيڙ ۽ سنوار) تاج جويو نصير / مرزا، ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص:۶۳.

۱۴. سومرو عبدالغفار، 'شاه ڪريم جا بيت، اقوال ۽ نقل'، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي ۲۰۱۷ع، ص:۶۵.

۱۵. شيخ اياز، 'شاعري ۹'، (سهيڙ ۽ سنوار) تاج جويو، ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ، سال ۲۰۱۰ع، ص:۳۳۵.

۱۶. سومرو عبدالغفار، 'شاه ڪريم جا بيت، اقوال ۽ نقل'، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي ۲۰۱۷ع، ص، ۶۶.

۱۷. شيخ اياز، 'شاعري ۹'، (سهيڙ ۽ سنوار) تاج جويو، ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ، سال ۲۰۱۰ع، ص:۵۹۱.

۱۸. سپرو عبدالفتاح، 'شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ پورهيت ۽ پورهيي ۾ زندگيءَ جي ترجماني ۽ تحقيقي اپياس'، (ايم فل ٿيسز) سال ۲۰۱۹ع، ص:۶۴. (اڻڇپيل)

۱۹. فياض لطيف ڈاکٽر، 'سائو ڪي سڃاڻ'، پبليڪيشن، حيدر آباد، سال۲۰۲۰ع، ص:۷۷.

۲۰. گربخشاڻي هوتچند مولچند ڈاکٽر، 'مقدمه لطيفي'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، چاپو ڇهون، سال۲۰۰۷ ع، ص:۷۸.

۲۱. ڪاشف محمد حسين، 'ڪنڊيءَ ڪونئرٽڙن'، مقصود پبليڪيشن حيدر آباد، مارچ ۱۹۹۰ع، ص:۸۰.

۲۲. مهراڻي شير ڈاکٽر، 'لطيفيات جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو'، ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ، ۲۰۲۱ع، ص:۳۲.

۲۳. شيخ اياز، 'خط، انٽرويو، تقريرون _۱'، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدر آباد، ۱۹۸۷ع، ص:۳۱۲.

۲۴. شيخ اياز، 'جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي'، ساهت سيا پبليڪيشن الهاس ننگر۱۹۸۷ع، ص:۱۵۴.

۲۵. شيخ اياز، 'مون وٽ مڙئي بيت'، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي مئي ۱۹۶۳ع، ص:۴.

۲۶. شيخ اياز، 'پؤنر پري آڪاس'، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدر آباد، ۱۹۸۶ع، ص:۲۱.

۲۷. شيخ اياز، 'ڪلهي پاتم ڪينرو'، ساهت پبليڪيشن،۱۹۸۷ع، ص:۵.

۲۸. فياض لطيف ڈاکٽر، 'سائو ڪي سڃاڻ'، پبليڪيشن، حيدر آباد، سال۲۰۲۰ع، ص:۷۸.

۲۹. شاهواڻي غلام محمد، 'شاه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي ۲۰۰۵ع، ص:۸۷۷

۳۰. شيخ اياز، 'ڪپر ٽو ڪن ڪري'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدر آباد، ۱۹۸۶ع، ص:۱۹۶.

۳۱. شاهواڻي غلام محمد، 'شاه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي ۲۰۰۵ع، ص:۸۹۶.

۳۲. شيخ اياز، 'ڪپر ٽو ڪن ڪري'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدر آباد، ۱۹۸۶ع، ص:۱۹۲.

۳۳. سومرو ادل ڈاکٽر، 'پڪين جا پيچرا ڪيئي'، ثقافت ۽ سياحت ڪاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۶ع، ص:۹۶.

۳۴. فياض لطيف ڈاکٽر، 'سائو ڪي سڃاڻ'، سمبارا پبليڪيشن، حيدر آباد، ۲۰۲۰ع، ص:۱۲۱- ۱۲۲.

۳۵. شيخ اياز، 'شاعري _۱'، سهيڙ: تاج جويو، ثقافت ڪاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ۲۰۰۸ع، ص:۱۸۶.

۳۶. ساڳيو، ص:۲۹۱.

۳۷. جويو تاج، (مرتب) 'سامي ويس سلوڪڙا'، شيخ اياز فائونڈيشن، حيدر آباد، ۲۰۰۲ع، ص:۱۷_۱۸.

۳۸. شيخ اياز، 'جُهڙ نيٽان نه لهي'، نيو فيلڊس، حيدر آباد، ۱۹۸۹، ص:۱۰۱.

۳۹. شیخ ایاز، 'جي کاڪ ڪوريا کاپڑي'، ساهت سيا پبليڪيشن، اُلهاس ننگر، ۱۹۸۷ع، ص:۶۱.
۴۰. شیخ ایاز، 'خط انٹرویو، تقریرون _ ۲'، نیو فیلڈس پبلیکیشن، حیدرآباد، ۱۹۹۱ع، ص:۱۸۳.
۴۱. ناگرا ٹي، بي _ ايچ ڈاکٹر، 'سامیءَ جا سلوک'، (ٽي پاڳا گڏ) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۲۰۰۰ع ، ص:۱۶.
۴۲. فیاض لطیف ڈاکٹر، 'سائو ڪِي سڃاڻ'، سمبارا پبليڪيشن، حیدرآباد، ۲۰۲۰ع، ص:۱۷۲.
۴۳. شیخ ایاز، 'جُھڙ نيٽا نہ لهي'، نیو فیلڈس، حیدرآباد، ۱۹۸۹، ص:۹۶-۹۷ ع ۹۸- ۱۱۱.
۴۴. شیخ ایاز، 'ڪپر ٽو ڪن ڪري'، نیو فیلڈس پبلیکیشن، حیدرآباد، ۱۹۸۶ع، ص:۵۵_۵۶.
۴۵. شیخ ایاز، 'اَکن نیرا ڦلیا'، نیو فیلڈس پبلیکیشن، حیدرآباد، ۱۹۸۸ع، ص:۶۱.
۴۶. شیخ ایاز، 'پتڑ ٽو پور ڪري'، نیو فیلڈس پبلیکیشن، حیدرآباد ۱۹۹۰ع، ص:۱۵۷.
۴۷. شیخ ایاز، 'چولیون ہولیون سمند جون'، مکتب دانیال، کراچي، ۱۹۹۳ع، ص:۱۹۲.
۴۸. شیخ ایاز، 'جُھڙ نيٽان نہ لهي'، نیو فیلڈس پبلیکیشن، حیدرآباد، ۱۹۸۹ع، ص:۱۰۵.